
# سيفٽي وائيز

روڊ سيفٽي ايجوڪيش پروگرام نيوز ليٽر_ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
نومبر_2006، شمارو پهريون

## هن شماري ۾

- روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام جي باري ۾ تازه ترين معلومات
- روڊ سيفٽي جي باري ۾ معلوماتي وسيلا
- سلامتي جي حوالي سان اسان ڇاڇا ڪري سگهون ٿا
- روڊ سيفٽي ايجوڪيش پروگرام جا فرضي ڪردار




## ”سيفٽي وائيز“ جو تعارف

### روڊ تي سلامتي بابت هڪ نيوز ليٽر

- دنيا ۾ ٿيندڙ روڊ حادثن جو تقريباً 85 سيڪڙو حادثا غريب يا وچولي آمدني رکندڙ ملڪن ۾ پيش اچن ٿا.
- سنڌ جي ٻهراڙين ۾ گاڏين جي تيز رفتاري جي ڪري ئي پيادل ماڻهو ۽ سائيڪل سوار حادثن جو شڪار ٿيندا آهن.
- صحت جي عالمي اداري (WHO) وارن جو چوڻ آهي تہ سن 2020ع تائين صحت عامہ جو ٽيون وڏي ۾ وڏو مسئلو روڊ حادثا ئي هوندا.

روڊ تي سلامتي جو مسئلو ڪو مقامي مسئلو ڪونهي بلڪہ اهو هڪ عالمي مسئلو آهي. سڄي دنيا ۾ پيش ايندڙ موت جي واقعن جو وڏي ۾ وڏو سبب روڊ حادثا آهن. روڊ جا وڌ ۾ وڌ حادثا غريب ملڪن جي ٻارن کي ئي پيش ايندا آهن، ان جو وڏو سبب اهو ئي آهي جو هلندڙ خطرناڪ ٽريفڪ جي اصولن بابت کين بنيادي قسم جي ڄاڻ بہ حاصل نہ آهي. ان کان علاوه روڊ جي خراب حالتن ۽ ٽريفڪ جي ناقص قاعدن جي ڪري پيش ايندڙ حادثن جي شرح اڃا بہ وڌي وڃي ٿي.

ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ سنڌ ۾ ٿيندڙ روڊ حادثن جو شڪار ٿيندڙن جون هڪ وڏو انگ 18 سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن جو آهي. ڪنهن ننڍڙي ٻار کي ٽريفڪ جي قاعدن جي صحيح خبر نہ هوندي آهي ۽ روڊ تي خطرن بابت ڪيس صحيح اندازو نہ هوندو آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي تعليمي نصاب ۾ روڊ سيفٽي جي قاعدن جي ڄاڻ کي ضروري طور تي شامل ڪيو ويندو آهي.

هن نيوز ليٽر ذريعي پڙهندڙن کي روڊ سيفٽي جي حوالي سان شعوري بيداري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ جيئن هو خاص ڪري ننڍڙن ٻارڙن جي حوالي سان روڊ سيفٽي جي اصولن جي خاص اهميت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. اهو روڊ تي ٻارڙن جي سلامتي جي حوالي سان سان جديد انداز ۾ هلائي ويندڙ روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام جي باري ۾ تازو ترين معلومات فراهم ڪري ٿو.

## تعارف

### روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام :

روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام روڊ سيڪٽر ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ (RSDD) طرفان ايشين ڊويلپمنٽ بئنڪ (ADB) جي تعاون سان شروع ڪيو ويو آهي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن کي انهيءَ پروگرام کي لاڳو ڪرڻ لاءِ منتخب ڪيو ويو آهي، هي هڪ نئين انداز جو پروگرام آهي جنهن تحت اسڪولن جي ٻارن ۽ مختلف شراڪت ڪار تنظيمن جي ميمبرن کي روڊ سيفٽي جي اصولن جي ڄاڻ ڏني ويندي.

هن پروگرام کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: تربيتي قابليت آڻڻ، حمايت ۽ شعوري سجاڳي آڻڻ، جانچ پڙتال ۽ تحقيق ڪرڻ. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) ان حوالي سان استادن، ڪميونٽي ميمبرن، مقامي حڪومتن جي ذميدارن جون تربيتون ڪرائيندي ۽ ٻارن ۾ روڊ سيفٽي جي اصولن تي عمل ڪرڻ جي عادت کي پڪو ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي. ٻارن ۾ روڊ سيفٽي جي قاعدن جي حوالي سان سجاڳي آڻڻ لاءِ ڪيترن ئي قسمن جي وسيلن کي ڪتب آندو يندو ۽ ڪئين قسم جا پروگرام منعقد ڪيا ويندا. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ٻارن ۾ روڊ سيفٽي جي قاعدن جي حوالي سان ڄاڻ وڌائڻ لاءِ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ضلعي ۽ صوبائي سطح جا ڪيئي پروگرام منعقد ڪندي. هن جديد قسم جي پروگرام جي حوالي سان پاڪستان ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن کي ئي اهو شرف حاصل ٿي رهيو آهي تہ هو روڊ جي حالات جي حوالي سان ٻارن جي ”مقام“ بابت ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

هن پروگرام کي ابتدائي طور سنڌ صوبي ۾ سيوهڻ، دادو، لاڙڪاڻي ۽ خيرپور ضلعن جي 100 سرڪاري ۽ ڪميونٽي اسڪولن ۾ هڪ سال جي مدت يعني آگسٽ 2006 ع کان جولاءِ 2007ع تائين نافذ ڪيو ويو وڃي. هن پروگرام مان تقريباً 10000 (ڏهہ هزار) شاگردن، استادن ۽ ڪميونٽي ميمبرن کي فائدو پهچندو.







# روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام

پروگرام بابت تازه ترين معلومات

## روڊ سيفٽي ايجوڪيشن جو آغاز

### پروگرام جي سپردگي بابت صحيحن واري تقريب

حڪومتِ سنڌ، روڊ سيڪٽر ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ (RSDD) سان گڏجي ايشين ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ جي تعاون سان هڪ جديد قسم جو روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام شروع ڪيو آهي جنهن تحت ٻارن کي روڊ سيفٽي جي حوالي سان قاعدا قانون سيکاريا ويندا.

حڪومتِ سنڌ جي چيف سيڪريٽري جناب فضل الرحمن صاحب ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) طرفان 22- جون، 2006ع تي هڪ تقريب ۾ ان حوالي سان هڪ ناهه تي صحيحون ڪيون ويون. ان حوالي سان سنڌ ايجوڪيشن (SEF)فائونڊيشن جو ڪردار پروگرام کي عملي طور تي نافذ ڪرائيندڙ اداري وارو آهي.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ان حوالي سان متعلقه علائقن ۾ پروگرام کي زور ونرائڻ لاءِ متعلقه سڀني شراڪتدارن جي متعلقه ميدان ۾ قابليت آڏائيندي، روڊ سيفٽي بابت انگن اکرن تي تحقيق ڪرڻ ۽ انهن کي محفوظ رکڻ جو ڪردار ادا ڪندي ۽ روڊن تي ٻارن جي تحفظ بابت سڀني شراڪتدارن ۾ شعوري سجاڳي ۽ حمايت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ڪوشش ڪندي ته روڊ سيفٽي جي حوالي سان ڪجهه مثالي نمونا (models) ناهي انهن جي ڪاميابي بعد انهن مثالي نمونن کي ملڪ جي ٻين علائقن ۾ نافذ ڪرايو وڃي.



چيف سيڪريٽري سنڌ جناب فضل الرحمن ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر پروفيسر انيتا غلام علي،روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام جي صحيحن واري تقريب ۾

## اسڪول جي نصاب ۾ روڊ سيفٽي جي تعليم کي شامل ڪرڻ

### روڊ سيفٽي جي مشقن خاطر 100 استادن کي تربيت فراهم ڪئي ويئي



تازوئي ۾ روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام تحت ٿيل هڪ ٽريننگ ۾ استاد گروپ سرگرمي جي صورت ۾ روڊ سيفٽي متعلق ويچاريندي

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان روڊ سيفٽي جي تعليم کي نصاب جو حصو بنائڻ جي مقصد خاطر نومبر- 2006ع ۾ استادن لاءِ پنجن ڏينهن تي مشتمل هڪ تربيت جو اهتمام ڪيو ويو. انهيءَ تربيت جو اهتمام چئن ميڙن (clusters) يعني سيوهڻ، دادو، لاڙڪاڻي ۽ خيرپور جي صورت ۾ ڪيو ويو، جنهن جو مقصد اهو ئي هو ته رٿيل 100 سرڪاري ۽ ڪميونٽي اسڪولن جي ٻارن کي روڊ سيفٽي بابت صحيح انداز ۾ تعليم ڏيئي سگهجي.

انهن تربيتن جو دائره ڪار اهو ئي رهيو ته روڊ ن تي ٻارن جي سيفٽي کي يقيني بنائڻ خاطر ان حوالي سان استادن جي ڄاڻ کي وڌايو وڃي ۽ روڊ سيفٽي جي تعليم کي نصاب جو حصو بڻايو وڃي ۽ ڪنهن ننڍي يا وڏي حادثي ٿي وڃڻ جي صور ت ۾ فوري طبي امداد جي عملي فراهمي کي يقيني بنايو وڃي. انهن تربيتن جو هڪ مقصد اهو به هو ته روڊ سيفٽي جي سکيا ڪرڻ وارين سرگرمين بابت مهارت حاصل ڪئي وڃي ته جيئن اسڪولن ۾ روڊ سيفٽي بابت صحيح طور تي تعليم ڏيئي سگهجي. هن پروگرام جي عرصي دوران سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن تربيت يافته ميمبرن کي روڊ سيفٽي جي حوالي سان ڪيترن ئي قسمن جو تربيتي سامان فراهم ڪندي.

## تحقيق جي بنياد تي روڊ سيفٽي بابت تجويزون


### 100 شريڪ اسڪولن بابت بنيادي سروي

ٻارن جي لاءِ روڊ سيفٽي جي حوالي سان ڪنيل قدمن، شراڪتدارن جي روڊسيفٽي جي حوالي سان شعوري سجاڳي جي سطح جو اندازو ڪرڻ ۽ پروگرام جي نفاذ مان حاصل ٿيل نتيجن جو اندازو ڪرڻ خاطر روِڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام هلندي تحقيقي قسم جي معلومات گڏ ڪئي ويندي رهي آهي.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان 100 اسڪولن ۾ روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام شروع ڪيو ويو آهي تن بابت آگسٽ ۽ سيپٽمبر، 2006ع دوران بنيادي قسم جا انگ اکر گڏ ڪيا ويا انگن اکرن جي انهيءَ نموني ۾ 100 استادن، 100 اسڪولن جي هيڊ ماسترن، 400 شاگردن، 300 ڪميونٽي ميمبرن ۽ 20 سنڌ جي صحت مرڪزن کي شامل ڪيو ويو آهي. انهيءَ سروري مان نه صرف اهو ته روڊ سيفٽي پروگرام وارن علائقن بابت هڪ سرسري جائزو حاصل ٿيندو بلڪ اهو سروي ان حوالي سان به هڪ اهم قسم جي معلومات فراهم ڪندوته روڊ تي ٻارن جي سلامتي کي اڃا به وڌيڪ يقيني بنائڻ لاءِ شراڪت دارن کي ڪهڙا ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن.

وڌيڪ تفصيلات لاءِ ويب سائيٽ www.sef.org.pk/rsep.asp ملاحظه ڪندا.

#### روڊ جي نشانين بابت شاگردن جي ڄاڻ




مٿي ڏنل گراف مان ظاهر ٿو ٿئي ته روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام شروع ڪرڻ کان اڳ روڊ سيفٽي جي نشانين جي باري ۾ شاگردن جي ڄاڻ ڪيتري قدر ناڪافي هئي. انهيءَ جو وڏو سبب اهوئي آهي ته اسڪولي نصاب ۾ اهڙي قسم جو ڪو به موضوع شامل ناهي. ٻي ڳالهه اها ڏسڻ ۾ آئي آهي ته سندن علائقن ۾ روڊ تي اهڙي قسم جون نشانيون ڏنل ئي نه آهن.

ماڻهن ۾ سماجي تعليم جي کوٽ آهي انهي ڪري اهي اڪثر ٽريفڪ اصولن جي خلاف ورزي ڪري ويهندا آهن. روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام شهرين ۾ پنهنجي ۽ ٻين ماڻهن جي زندگي بچائڻ خاطر ذميداري سان ٽريفڪ اصولن جي پيروي ڪرڻ جو احساس پيدا ڪندو:

سپرنٽينڊنٽ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي – خيرپور



# روڊ سيفٽي جي حوالي سان شعوري بيداري

## حڪومتي نمائندن لاءِ تعارفي ورڪشاپ

سنڌ صوبي جي سيوهڻ، دادو، لاڙڪاڻي ۽ خيرپور شهرن ۾ باهمي سرگرمين وارن ورڪشاپن جو هڪ سلسلو شروع ڪيو ويو . اهي ورڪشاپ انهي لاءِ شروع ڪرايا ويا ته جيئن مقامي حڪومت مذڪوره پروگرام کي موثر نموني نافذ ڪرائي سگهي. هن موقعي تي مقامي حڪومتن جي مختلف کاتن جيئن ته تعليم، ٽريفڪ ۽ هاءِ وين، صحت جي هنگامي کاتي جا آفيسر موجود هئا جن مختلف ضلعن ۾ روڊ سيفٽي جي تعليم جي هن پروگرام جي آغاز کي ڏاڍو ساراهيو. مقامي ضلعي حڪومت سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي هن پروگرام کي نافذ ڪرڻ ۽ طريقه ڪار کي سهارو ڏيڻ جي حوالي سان هڪ معاهدي تي صحيحون ڪيون.



سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان منعقد ڪرايل ورڪشاپ ۾ دامن علي بوزدارحڪومتي ۽ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (NHA) جي آفيسرن سان گڏ

انهن ورڪشاپن دوران ڪمن ڪارن بابت هڪڙي نشست منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ منصوبي ۾ آندل اسڪولن ۾ پروگرام جي نفاذ خاطر انهن جا نقشا تيار ڪيا ويا، اتان جي روڊن جي چار متعلق ڄاڻ حاصل ڪئي وئي. ايمرجنسي خدمتن ۽ ٻارن کي اتان جي روڊ تي درپيش مسئلن جو پتو لڳايو ويو. روڊ سيفٽي جي هن پروگرام جي مختلف شراڪت دارن جيئن ته حڪومت، ذرائع ابلاغ، غير سرڪاري تنظيمن ۽ تنظيمن کي هلائڻ لاءِ عطيا ڏيندڙ مخير حضرات جي ذميدارين بابت ويچاريو ويو ۽ شراڪت دارن روڊ تي ٻارن جي سلامتي کي يقيني بنائڻ لاءِ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو عهد ڪيو .






# روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام

## جي باري ۾ معلومات




# روڊ سيفٽي جي باري ۾ معلوماتي ٿيلهو

## روڊ سيفٽي بابت تعليم ڏيڻ لاءِ امدادي تربيتي مواد جي تياري

روڊ سيفٽي جي حوالي سان تعليمي پروگرام جو مقصد اهو آهي ته اسڪولي نصاب ۾ روڊ سيفٽي جي تعليم کي ان جي ضروري حصي طور شامل ڪيو وڃي. روڊ سيفٽي جي پروگرام کي ٻارن جي دلين تي نقش ڪرڻ لاءِ روڊ سيفٽي بابت هڪ معلوماتي ٿيلهو ترتيب ڏنو ويو آهي. انهيءَ ٿيلهي ۾ روڊ سيفٽي بابت تعليم ڪجھ اهڙي انداز سان ڏني وئي آهي جو ٻارن جي دل انهيءَ مواد کي دلچسپي سان پڙهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ طرف مائل ٿئي. روڊ سيفٽي جي باري ۾ مذڪوره معلوماتي ٿيلهي ۾ استادن ۽ شاگردن جي لاءِ هيٺ ذڪر ڪيل دلچسپ معلوماتي مواد هوندو آهي. روڊ سيفٽي واري معلوماتي ٿيلهي ۾ هيٺ ڏنل شيون شامل هونديون:

### روڊ سيفٽي بابت ڪهاڻيون

ڪنهن به پيغام کي دلچسپ انداز سان پهچائڻ لاءِ ڪهاڻيون هڪ نهايت ئي عجيب و غريب ۽ مؤثر نسخو هونديون آهن. روڊ سيفٽي بابت معلوماتي ٿيلهي ۾ ڏنل ڪهاڻيون روڊ سيفٽي جي حوالي سان مزيدار ڪردارن تي مشتمل آهن ۽ انهن ۾ ٻارن لاءِ روڊ سيفٽي جي هڪ طرح سان مڪمل معلومات ڏني وئي آهي.

### استادن لاءِ رهنما ڪتابچو

استاد لاءِ انهيءَ رهنما ڪتابچي جو هڪ مقصد اهو آهي ته هو انهي مان روڊ سيفٽي بابت ڪجھ اهڙين سرگرمين جي چونڊ ڪري سگهن جيڪي ڪلاس روم ۾ آسانيءَ سان ڪرائي سگهجن.

### روڊ سيفٽي بابت بورڊ واري راند (Board Game)

روڊ سيفٽي واري معلوماتي ٿيلهي ۾ باهمي سرگرمين تي مبني دلچسپ قسم جي هڪ راند به شامل ڪئي وئي آهي جنهن ذريعي ٻارن کي روڊ سيفٽي جا اصول ۽ قاعدا آساني سان ذهن نشين ٿي ويندا.

### سرگرمين بابت ڪتابچا

روڊ سيفٽي جي معلوماتي ٿيلهي ۾ دلچسپ انداز ۾ لکيل سرگرمين وارا ڪتابچا شامل ڪيا ويا آهن جن کي استعمال ڪندي ٻار باهمي سرگرمين ذريعي سکي سگهندا.

### فوري طبي امداد وارو دٻو (Kit) ۽ ان بابت رهنما ڪتابچو

روڊ سيفٽي واري معلوماتي ٿليهي ۾ فوري طبي امداد جو دٻو ۽ ان کي استعمال ڪرڻ بابت هڪ رهنما ڪتابچو به شامل ڪيو ويو آهي جنهن کي استاد ۽ وڏي عمر جا ٻار استعمال ڪندي ڪنهن زخمي ٿيل ٻار کي فور طبي امداد ڏيئي سگهندا.

### پوسٽرز

روڊ سيفٽي واري معلوماتي ٿليهي ۾ شامل ڪيل پوسٽر ٻارن کي روڊ سيفٽي جي قاعدن ۽ قانونن بابت ڄاڻ فراهم ڪندا. اهي اسڪول واري علائقي ۾ مختلف جاين تي لڳايا ويندا ته جيئن روڊ سيفٽي جي حوالي سان مختلف ترڪيبون سندن ذهن تي هجن.

روڊ سيفٽي بابت مواد ڏسڻ لاءِ توهان وزٽ ڪري سگهو ٿا هيٺ ڏنل ويب سائيٽ

**www.sef.org.pk/rsep.asp**

# ”سيفٽي وائيز“ ويب سائيٽ

## روڊ تي سلامتي جي حوالي سان پاڪستان جي پهرئين ويب سائيٽ

www.sef.org.pk/rsep.asp

”سيفٽي وائيز“ ويب سائيٽ مان اميد ٿي ڪري سگهجي ته اهاروڊ تي سلامتي بابت معلومات حاصل ڪندڙن لاءِ هڪ ڏاڍي دلچسپ ويب سائيٽ ثابت ٿيندي ۽ ڪين اها معلومات حاصل ٿيندي ته روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام جي حوالي سان پاڪستان ڪهڙيون ڪهڙيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. ويب سائيٽ ۾ نه صرف اهو ته روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام جو تفصيلي تعارف بيان ڪيو ويو آهي. بلڪ پروگرام تحت منعقد ڪرايل مختلف قسم جي نشستن بابت به احوال ڏنل آهي، ان ڪان سواءِ ويب سائيٽ ۾ روڊ سيفٽي بابت ٻي به ڪافي ڪارائتي معلومات ڏنل آهي.

مذڪوره ويب سائيٽ ۾ خصوصي طور تي سنڌ جي حوالي سان تحقيقي ڪوجنائن جو رپورٽون به ڏنل آهن. ويب سائيٽ ۾ ٻارن ۽ انهن جي سار سنڀال لهندڙن بابت جدا جدا حصن ۾ احوال ڏنو ويو آهي. انهن ٻنهي حصن جي مطالعي سان استادن کي رهنمائي ملي ٿي ته ٻارن کي ڪيئن وڌ ۾ وڌ دلچسپي واري انداز ۾ ۽ باهمي سرگرمين تي مبني روڊ سيفٽي بابت تعليم ڏجي. ويب سائيٽ جي ڪجھ حصي ۾ روڊ سيفٽي بابت ٻارن جي دلچسپي جون ڳالهيون به شامل ڪيون ويون آهن جنهن ۾ ٻارن کي باهمي سرگرمين ذريعي روڊ سيفٽي جي تعليم ڏني وئي آهي. ويب سائيٽ ”سيفٽي وائيز“ بابت اهم معلومات ڏنل بلڪ اها ويب سائيٽ روڊ سيفٽي واري پروگرام جي وسيع پيماني تي، عوامي حمايت جو ذريعو به آهي. ويب سائيٽ ۾ ٻارن ۽ ٻين شراڪتدارن لاءِ انگريزي ڪان علاوه مقامي زبانن ۾ به احوال ڏنو ويو آهي. انهي ويب سائيٽ کي والدين، استادن ۽ ٻارن جي روڊ سيفٽي جي باري ۾ معلومات ۾ اضافي آڻڻ خاطر استعمال ڪري سگهجي ٿو.

ٿورن لفظن ۾ ايئن ڪٿي چئجي ته ويب سائيٽ ”سيفٽي وائيز“ روڊ سيفٽي جا اصول ۽ قاعدا سکڻ جي خواهشمندن لاءِ هڪ بهترين ويب سائيٽ آهي.

# سلامتي جي حوالي سان

## اسان ڇا ڇا ڪري سگهون ٿا

### حڪومت

- روڊ سيفٽي جي پاليسين کي نافذ ڪرڻ لاءِ بنيادي ڍانچو ۽ اڳواڻي (Leadership) فراهم ڪري ٿي.
- روڊ سيفٽي جي مقصدن جي حوالي سان احتساب ڪري روڊ سيفٽي جي قاعدن تي عمل ڪرڻ لاءِ هر شخص کي پابند ڪري.
- روڊ سيفٽي جي مقصدن لاءِ گهربل رقم فراهم ڪري ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائي ته جنهن علائقي لاءِ فنڊز ڏنا پيا وڃن اتي روڊ سيفٽي بابت ماحول صحيح ٿي وڃي.
- حڪومت کي کپي ته روڊ سيفٽي جي حوالي سان عام ماڻهن جو شعور بيدار ڪري ۽ انهن ۾ رود سيفٽي جي اصولن تي عمل ڪرڻ جي رغبت پيدا ڪري.

### ڪميونٽيگروپ

- ڪميونٽي جي هر فرد کي گهرجي ته روڊ سيفٽي جي اصولن ۽ قاعدن جي باري ۾ عام سجاڳي پيدا ڪري.
- پنهنجي علائقي ڪانسواءِ ٻين علائقن جي ماڻهن کي به روڊ سيفٽي جي اصولن تي عمل ڪرڻ لاءِ مائل ڪري .
- روڊ سيفٽي کي يقيني بنائڻ لاءِ حڪومتي آفيسرن سان لهه وچڙ ۾ اچي انهن کان روڊ سيفٽي لاءِ فنڊز حاصل ڪرڻ گهرجن.
- روڊ سيفٽي کي يقيني بنائڻ لاءِ ٻين غير سرڪاري تنظيمن سان لهه وچڙ ۾ اچي روڊ سيفٽي جي پيغام کي عام ڪرڻ جي ضرورت آهي.

### غير سرڪاري تنظيمون ۽ مخير حضرات

- غير سرڪاري تنظيمن ۽ مخيّر حضرات کي گهرجي ته هو روڊ سيفٽي بابت اسڪولي ٻارن جي سهائتا ڪن.
- عام سجاڳي جي مهم هلائي ماڻهن کي روڊ سيفٽي جي اهميت بابت آگاهي ڏيو.
- روڊ سيفٽي جي حوالي سان سڌريل حڪمتِ عملين ۽ قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرائڻ لاءِ شعوري بيداري پيدا ڪريو.
- روڊن جي حالت سڌارڻ ۽ انهن تي روڊ سيفٽي جا ضروري نشان ۽ اشارا جيئن ته زيبرا ڪراسنگ اسپيڊ بريڪر، ٽريفڪ سگنل ۽ ٻين قسمن جا چمڪدار نشان نهرائڻ لاءِ فنڊ فراهم ڪرڻ گهرجي.

### ڪميونٽي گروپ

- روڊ سيفٽي جي حوالي سان شعور ي سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ٻارڙن ۽ جوانن لاءِ پروگرام نشر ڪرايو.
- روڊ تي پيش آيل حادثن جي رپورٽ درج ڪرايو ۽ جتي ضروري محسوس ٿئي اتي سڌارا آڻائڻ جي ڪوشش ڪريو.
- ڊرائيور حضرات ۾ گاڏين هلائڻ جي متعلق قانونن ۽ اخلاقي تربيت کي بهتر بنايو وڃي

### پوليس ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارا

- پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گهرجي ته هو گاڏي هلائيندڙ عام ماڻهن ۽ ڊرائيورن جي روڊ سيفٽي جي قاعدن ۽ قانونن جي پابندي کي يقيني بڻائين.
- روڊ تي پيادل هلندڙن لاءِ آساني پيدا ڪن.
- اهڙين جڳهين جي نشاندهي ڪن جتي وڌ ۾ وڌ حادثا پيش اچڻ جو خطرو هجي ۽ انهن جاين تي انتهائي هوشياري کان ڪم وٺندي ماڻهن کي حادثن کان بچائين.
- روڊ جي بنيادي ڍانچي جي مرمت کي يقيني بڻائين.

### روڊ استعمال ڪندڙ عام ماڻهو

- هر ماڻهو کي گهرجي ته هو روڊ سيفٽي جي قاعدن ۽ قانونن کي سمجهي ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ روڊ سيفٽي بابت اها ڄاڻ ٻين ماڻهن تائين به پهچائڻ جي ڪوشش ڪري

### آٽو موبائيل انڊسٽري ۽ ڪار انشورنس ڪمپنيون

- روڊ سيفٽي جي حوالي سان سٺي ڊرائيورن ۾ عام سجاڳي پيدا ڪن. روڊ سيفٽي جي حوالي سان ڪين سٺيون ترڪيبون ۽ طور طريقا ذهن نشين ڪرائين.
- روڊ سيفٽي جي حوالي سان ٿيندڙ مهمن جي حوصلہ افزائي ڪن ۽ پاڻ به اهڙي قسم جون مهمون هلائين.

روڊ سيفٽي پروگرام ۾ سڌي ريت ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۽ خاص طور تي ٻارن کي فائدو پهچائڻ لاءِ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ روڊ سيفٽي ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ گڏجي ڪجهه فرضي ڪردار چونڊيا انهن بابت خطرن سان ڀرپور ۽ حوصلہ آزمہ قسم جون ڪهاڻيون گهڙيون آهن ۽ انهيءَ حوالي سان سارجنٽ بهادر، راجو، ڪِرن، ببلو، ماما مولو ۽ مستاني جا ڪردار قابل ذڪر آهن؛ جن کي استعمال ڪندي ٻارن کي روڊ سيفٽي جي حوالي سان باهمي سرگرمين ذريعي آسانيءَ سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

اهي ڪردار مقامي نموني جا محسوس ٿين ٿا ۽ مقامي انداز سان ئي سيکارين ٿا پر انهن ذريعي روڊ سيفٽي جي حوالي سان عالمي سطح تي به تعليم ڏيئي سگهجي ٿي.

## روڊ سيفٽي جا ڪردار



### راجو

هي هڪ ننڍڙو ۽ پهلوان ڇوڪرو هوندو آهي. سندس ڪرڪيٽ راند ۽ جانورن سان پيار ۽ خطرن سان کيڏڻ واري طبيعت جي ڪري روڊ سيفٽي جي قاعدن بابت اهم نموني جون ڪهاڻيون وجود ۾ اچن ٿيون.



### ڪِرن

ڪِرن راجو جي ڀيڻ هوندي آهي جيڪا هن کان ڪافي سال وڏي هوندي آهي پرڏسڻ ۾ اهي ٻئي هڪٻئي جا دوست لڳندا آهن.



### ماما مولو

ماما مولو ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪ اهڙي چنگچي ڊرائيور جو ڪردار آهي جيڪو ٻارن وانگر ٽريفڪ قاعدن بابت صحيح نموني جي ڄاڻ ڪونه ٿو رکي. هن کي به ٽريفڪ قاعدن بابت سکڻ جي ضرورت آهي.



### ببلو

ببلو هڪ ڳوٺاڻي ڇيلي جو ڪردار آهي جنهن کي ٻارن کان روڊ سيفٽي جا قاعدا سکڻ جو شوق هوندو آهي. هي چاهي ٿو ته ٻارن کان روڊ سيفٽي بابت قاعدا سکي هو پنهنجي ڌڻ جي ٻين ٻڪرين ۽ ٻڪرن کي سيکاري. ببلو کيڏڻ جو شوقين دل وندرائيندڙ ۽ سهڻي نموني جو هڪ ڇيلو آهي.



### مستانو

هڪ ڳالهائيندڙ اُٺ جو ڪردار آهي جيڪو ٻارن کي روڊ سيفٽي بابت چند ڳالهيون ٻڌائي ٿو.



### سارجنٽ بهادر:

روڊ سيفٽي جي حوالي سان هي آخري ڪردار ضرور آهي پر معمولي قسم جو نه ...! سارجنٽ بهادر دوستانه طبيعت رکندڙ ۽ مؤثر نموني جو روڊ سيفٽي آفيسر آهي، جنهن جي هڪ ڳوٺاڻي علائقي ۾ ماڻهن کي روڊ سيفٽي جا قاعدا ۽ قانون سيکارڻ ۽ انهن تي عمل ڪرائڻ جي ڊيوٽي لڳائي ويئي آهي. هن کي ڳوٺ جي اسڪول ۾ مهمان خصوصي طور دعوت ڏيئي سڏيو وڃي ٿو ته جيئن هو ڪين روڊ سيفٽي جي قاعدن بابت سمجهائي.

## اسان جي باري ۾

”سيفٽي وائيز“ هڪ ڇهه ماهو نيوز ليٽر آهي جيڪو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام جي موضوع تي لکيو ويو آهي.

روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام روڊ سيڪٽر ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ، ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمنٽ ۽ حڪومتِ سنڌ طرفان هلايو پيو وڃي.

اهو پروگرام سنڌ جي تيز رفتار ٽريفڪ وارن ضلعن جي 100 سرڪاري ۽ ڪميونٽي اسڪولن ۾ شروع ڪيو پيو وڃي.


اهو نيوز ليٽر ”مفت“ گهرائڻ لاءِ اسان کي پنهنجا تفصيلات هيٺ ڏنل اي ميل ايڊريس تي موڪليندا:
resp@sef.org.pk

يا

اسان سان هيٺ ڏنل فون نمبر تي رابطو ڪريو:
(92-21) 111-424-111 (Ext.216)


روڊ سيفٽي ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ
ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمنٽ
حڪومتِ سنڌ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
حڪومتِ سنڌ